# حَسنَينِ ڪَريمينِ جو
# شانءِ عَظمت

هفتہ وار سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سنتن ڀريو بيان



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# حَسنَين کَريمَين رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جو شان ۽ عظمت

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: حَضَرَتِ جبرائيل عَلَيهِ السَّلَام مون کي عرض ڪيو تہ رَبّ تعالٰي فرمائي ٿو: اي محمّد (صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ! ڇا تون ان ڳالهہ تي راضي ناهين جو تنهنجو اُمّتي تو تي هڪ سلام موڪلي، آءُ ان تي ڏهہ (10) سلام موڪليان؟ (نسائی،ص۲۲۲،حدیث۱۲۹۲)

رَبِّ اَعْلٰی کی نعمت پہ اَعْلٰی دُرُود
حق تعالٰی کی مِنَّت پہ لاکھوں سلام

(حدائقِ بخشش)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سُٺيون سُٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُواالله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نِيّتون

آئون به نِيّت ڪريان ٿو ❁ الله جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل

---

1......(المعجم الكبير،للطبراني، ج 6، ص 185، الحديث: 5942)



www.dawateislami.net

آيت نمبر 125: اُدۡعُ اِلٰی سَبِیۡلِ رَبِّکَ بِالۡحِکۡمَۃِ وَ الۡمَوۡعِظَۃِ الۡحَسَنَۃِ

”ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهه ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث:4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَةً يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ✿ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ✿ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دوران دل جي اخلاص تي توجُّهه رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ثيو ته ڳالهائڻ کان بچندس ✿ مَدَني قافلي، مَدَني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ✿ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ✿ نظر جي حفاظت ٻڌائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَلحَمدُلِله عَزَّوَجَلَّ مُحَرَّمُ الحَرام شَرِيف جو بابرڪت مهينو جاري ۽ ساري آهي، ان مُبارَڪ مهيني کي اَهلِ بيتِ اَطهار ۽ اِمَام عالي مَقام، اِمَام تِشنه ڪام سَيِّدُنَا اِمَام حسن مُجتبلي ۽ اِمَام حُسَيۡن، ڪَريمَين، سَعِيدَين، شَهِيدَين، قَمَرَين، مُنِيرَين، طَيبَين، طَاهِرَين رِضْوَانُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن سان هڪ خاص نسبت آهي، اچو ته! انهيءَ حوالي سان حَسنَين ڪَريمَين جي شان ۽ عَظمت جي باري ۾ ٻُڌڻ جي سَعادَت حاصِل ڪريون ٿا. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اِنهي ٻنهي شهزادن سان تمام گهڻي مَحَبَّت فرمائيندا هئا ۽ انهن کي ٿورڙي تڪليف ۾ مبُتلا ڏسڻ پسند نه فرمائيندا هئا.



www.dawateislami.net

## حَسنَين ڪَريمَين ۽ خوفناڪ نانگ!

حَضرَتِ سَيِّدُنا سَلمَان فارسي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ فرمائن ٿا: اسان حُضُور نبي اڪرَم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ حاضِر هئاسين، حَضرَتِ سَيِّدَتُنا اُمِ اَيمَن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهَا حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ آيون ۽ عَرض ڪرڻ لڳيون: حَسَن ۽ حُسَيَن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُمَا گُم ٿي ويا آهن، اهو ڏينهن جو وقت هو، حُضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صَحابهء ڪرام (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُم اَجمعِين) کي فرمايو: هلو منهنجي پُٽن کي تَلاش ڪريو، هر ڪنهن پنهنجو رستو ورتو ۽ آئون حُضُور نبيِ اَڪرم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ هلي پيس، حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مُسَلسَل هلندا رهيا، ايستائين جو اسان هڪ جبل وٽ پُهچي وياسين، (ڏٺوسين ته) حَسن ۽ حُسَيَن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُمَا هڪ ٻئي سان چمٽيل آهن ۽ هڪ خوفناڪ (وڏو نانگ) اُنهن جي سامهون پنهنجي پُڇ تي بيٺل آهي ۽ ان جي وات مان باهه جا شُعلا نِڪري رهيا آهن. حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تيزي سان اڳتي وڌيا ته اهو اَجگر حُضُور اڪرم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏسي ڪري سوڙهو ٿيڻ لڳو ۽ پٿرن ۾ لڪي ويو، سرڪار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حَسنَين ڪَريمَين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُمَا جي ويجهو تَشريف وٺي آيا ۽ ٻنهي کي الڳ الڳ ڪيو ۽ انهن جي چهرن کي صاف ڪيو ۽ فرمايو: منهنجا ماءُ پيءُ توهان تي قُربان، توهان الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ ڪيتري عِزت وارا آهيو-

(معجم الكبير، باب الحاء ، حسن بن عَلِي بن أبي طالب الخ،٣/٦٥،حديث:٢٦٧٧)

صَلُّوا عَلَی الحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جي حَبِيب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، حَسنَين ڪَريمَين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُمَا سان ايتريقدَر مَحبَّت فرمائيندا هئا جو ٻنهي



www.dawateislami.net

شهزادن کي ڪنهن تڪليف ۾ مبُتلا ڏسڻ به حضور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پسند نه هو، انهيءَ لاءِ جڏهن حُضُور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ٻڌايو ويو ته حَسَن ۽ حُسَين رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا گُم ٿي ويا آهن ته حضور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بيقرار ٿي ڪري صَحابہ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُم سان گڏجي انهن جي تَلاش شُرُوع ڪري ڏني. ان کان عِلاوه به ڪيترين ئي اَحاديثِ مُبارَڪ مان حُضُور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ٻنهي شهزادن سان بي اِنتِها مَحبَّت جو ثُبُوت مِلي ٿو. جيئن ته حَضرَتِ سَيِّدُنَا اَنس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا ته رَسُوْلُ اللّٰه صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عَرض ڪيو ويو ته اهلِبيت مان توهان کي سڀ کان وڌيڪ پيارو ڪير آهي؟ فرمايائون: حَسن ۽ حُسَيِن. حضور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، حَضرَتِ سَيدَتُنا فاطِمَة الزَّهرا رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا کي فرمائيندا هئا ته منهنجي ٻارن کي گهُرايو، پوءِ اُنهن کي سِنگهندا هئا ۽ پنهنجي ڳلي لڳائيندا هئا.

(ترمذی،کتاب المناقب عن رسول الله،باب مناقب الحسن والحسین، ج۵،ص ۴۲۸حدیث:۳۷۹۷)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حَضرَتِ مفتي احمد يار خان عَلَیهِ رَحمَةُ الحَنّان ان حديثِ پاڪ جي شَرح ۾ فرمائن ٿا: مَحبّت جا ڪيترا ئي قِسم آهن: اولاد سان مَحبت ٻئي قِسم جي آهي،گهروارين سان ٻئي قِسم جي، دوستن سان ٻئي قِسم جي. اولاد مان حَضراتِ حَسنَين تمام گهڻا پيارا هئا ، ازواج (گهر وارين) ۾ حَضرَتِ (سَيدَتُنا) عَائِشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا محبوب هيون ، دوست ۽ احبابن ۾ حَضرَتِ ابوبڪر صِديق رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ تمام پيارا هئا، وڌيڪ فرمائن ٿا: حُضُورانهن کي چو نه سِنگهن ها، اهي ٻئي ته حُضُور جا گُل هئا گُل سِنگهيا ئي ويندا آهن، انهن کي نهايت عزيز ۽ پيارو رکڻ، ڳلي سان لڳائڻ، انتِهائي مَحبت ۽ پِيار جي لاءِ هو. ان مان مَعلُوم ٿيو ته ننڍن ٻارن کي سِنگهڻ، اُنهن



www.dawateislami.net

سان پيار ڪرڻ، انهن کي ڳلي لڳائڻ، سنّتِ رَسُول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي. (مرأة المناجيح، ۴۱۸/۸)

کیا بات رضاؔ اُس چمنستانِ کرم کی

زہرا ہے کلی جس میں حسین اور حسن پھول

(حدائقِ بخشش)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اچو ته! اسان به اِن مبارڪ هستين جي مَحَبَّت کي پنهنجي دل ۾ وڌيڪ پُختو ڪرڻ ۽ انهن جي سيرت ۽ ڪردار تي عمل ڪرڻ جي نِيّت سان انهن جو ذِڪرِ خير ٻڌون.

## نالو ۽ ڪُنيَت ۽ لقب:

حَسنَين ڪَريمَين مان وڏا حَضْرَتِ سَيِّدُنَا اِمَام حَسَن مُجتبلي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ آهن. اوهان رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي ڪُنيَت "ابُو مُحمد" آهي. ۽ لَقب " تَقي ۽ سَيّد" جڏهن ته عُرف "سِبطُ رَسُولِ الله "( يعني رَسُوْلُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ڏوهٽا) آهي، ڳڻوڳڻ سندن کي"رَيحَانَةُ الرَّسُول"(رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو گُل) به چوندا آهن.

پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جَنَّت جي نوجوانن جا سردار آهن، اِمَام حَسَن مُجتبلي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي وِلادتِ مُبارَڪ 15 رَمَضانُ المُبارَڪ 3 هجري تي رات جو مدينهء طيّبه زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا ۾ ٿي. حُضُور سَيِّدِ عَالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ستين ڏينهن اوهان جو عقيقو ڪيو ۽ وار جُدا ڪيا ويا ۽ حُڪم ڏنو ته وارن جي وزن جي برابر چاندي صَدَقو ڪئي وڃي.



www.dawateislami.net

(تاريخ الخلفاء، باب الحسن بن علی بن ابی طالب، ص۱۴۹و روضۃ الشہداء (مترجم)، باب ششم،ج۱،ص۳۹۶)

**سَيِّدُنَا اِمَام حَسَنِ مُجتبلي** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو نالو، اِمَامُ الانبياء، سَيِّدُ الاَسْخِياء صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن رکيو. مڪمل واقِعو ڪجھ هن طرح آهي تہ حَضرَتِ سَيِّدَتُنا اسماء بنتِ عُميس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا جن بارگاھ رِسالَت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ حَضرَتِ سَيِّدُنا اَمَام حَسن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي وِلادت جي خوشخبري پهچائي. (تہ) حُضُور پُرنُور، شافع يومُ النُّشور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تشريف وٺي آيا ۽ فرمايو تہ اسماء منهنجي فرزند کي آڻيو، حَضرَتِ اِسماء رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا (اِمَام حسن کي) هڪ ڪپڙي ۾ (ويڙهي) حُضور سَيِّدِ عَالَم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ڪيو. حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ساڄي ڪن ۾ اَذان ۽ کابي ۾ تڪبير فرمائي ۽ حَضرَتِ سَيِّدُنَا مولي عَلِيُّ المُرتَظي ڪَرَّمَ اللہُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم کان پڇا فرمايو: توهان ان فرزندِ اَرجُمند جو ڇا نالو رکيو آهي؟ عرض ڪيو: يارَسُولَ اللّٰه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! منهنجي ڪهڙي مَجال جو بغير اِذن ۽ اِجازت نالو رکڻ تي اِڳرائي ڪريان، پر هاڻي توهان دريافت فرمايو آهي تہ منهنجو خيال آهي ”حَرب“ نالو رکيو وڃي، باقي اوهان مُختار آهيو، تہ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن شهزادي جو نالو حَسن رکيو. (سوانحِ کربلا ص۹۲ملخصاً)

وہ حسن مُجتبیٰ سیدُ الاسخیاء
راکبِ دوشِ عزّت پہ لاکھوں سلام

(حدائقِ بخشش)

شعر جي وضاحت: اهي اِمَام حسن مجتبلي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جيڪي سخين جا سردار آهن، جيڪي پنهنجي ناني جان، محبوبِ رحمٰن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پياري ڪلهن تي سُوار ٿيندا هئا،اُن جي ذاتِ مبارڪ تي لکين سلام هجن.



www.dawateislami.net

سندن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي نندي ڀاءُ سَيدُالشُّهَداء، راڪبِ دَوشِ مُصطفٰي، حَضرَتِ سَيِّدُنَا اِمَام حُسَيۡن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي وِلادت 5 شعبانُ الۡمُعَظم سن 4 هجري مدينهٔ مُنوَّره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعۡظِيۡمًا ۾ ٿي. سندن نالو، حُضُور پرنور، شافعِ يومُ النُّشور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ”حُسَيۡن“ ۽ ”شبير“ رکيو جڏهن تہ سندن ڪنيت ”اَبُوعَبدُالله“ ۽ لَقب بہ ”سِبۡطُ رَسُوۡلِ اللهِ (يعني رَسُوۡلُ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ڏوهٽا)“ ۽ ”رَيحَانَةُ الرَّسُول“ (يعني رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو گُل) آهي ۽ پنهنجي وڏي ڀاءُ جيان پاڻ بہ جنَّتي جوانن جا سردار آهن.

(اسدالغابة، باب الحاء والحسين،۱۱۷۳۔ الحسين بن علی،ص۲۵،۲۶ملتقطاًوسير اعلام النبلاء،۲۷۰۔الحسين الشهيد...الخ، ج۴،ص۴۰۲۔۴۰۴)

## کهڙا نالا رکيا وڃن؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هينئر اسان ٻڌو تہ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجن پيارن ڏوهٽن جا نالا پاڻ تجويز فرمايا. اچو تہ! انهيءَ متعلق نالي رکڻ جا ڪجهہ آداب بہ ٻڌون. سُٺو نالو رکڻ اولاد جي حقن ۾ شامل آهي ۽ والِدين جي طرفان پنهنجي ٻار جي لاءِ سڀ کان پهريون ۽ بُنيادي تحفو بہ آهي، جنهن کي اهو پوري عُمر پنهنجي سيني سان لڳائي رکندو آهي، ايستائين جو ميدانِ حَشر برپا ٿيندو تہ اهو انهيءَ نالي سان مالڪِ ڪائِنات عَزَّوَجَلَّ جي سامهون گهُرايو ويندو، جيئن تہ حَضرَتِ سَيِّدُنَا ابودَرداء رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان مَروي آهي تہ حُضُور پاڪ، صاحبِ لَولاڪ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”قِيامت جي ڏينهن توهان پنهنجي ۽ پنهنجي ابن ڏاڏن جي نالن سان سَڏِيا ويندؤ، تنهنڪري پنهنجا سُٺا نالا رکندا ڪريو.“

(سنن ابی داود ،کتاب الادب باب فی تغيير الاسماء ،الحديث ۴۹۴۸،ج۴،ص۳۷۴)



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حديثِ پاڪ مان اُهي ماڻهو عِبرت حاصِل ڪن جيڪي پنهنجي ٻارن جا نالا ڪنهن گلوڪار، فِلمي اداڪار يا مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ ڪافرن جي نالن تي رکي ڇڏيندا آهن، ان ڪان وڌيڪ بَدتَرين ذِلّت ڇا هوندي جو مُسلمان جي اولاد کي ميدانِ مَحشَر ۾ ڪافرن جي نالن سان سڏيو وڃي. وَالعِيَاذُبِاللّٰه ، اسان جي مُعاشَري ۾ ٻار جي نالي جو انتخاب ڪرڻ جي ذميداري عام طور تي ڪنهن قريبي رشتيدار مثلاً ڏاڏي، ڦُڦي، چاچي وغيره کي سونپي ويندي آهي ۽ اڪثر ڪري علمِ دِين ڪان دُوري جي سبب اهي ٻار جو اهڙو نالو رکي ڇڏيندا آهن، جنهن جو ڪو مَطلب ئي نه هوندو آهي يا وري سٺي مَعنيٰ نه هوندي آهي، يا وري نالو شرعًا دُرست نه هوندو آهي، اهڙا نالا رکڻ ڪان بچڻ گهرجي، ڪڏهن ڪڏهن اهڙو نالو به ڳوليو ويندو آهي جيڪو گهر، خاندان، محلي ۾ پري پري تائين ڪنهن جو به نه هجي، جڏهن به ڪو ٻڌي ته فورًا هي چوي ته اهو نالو ته پهريون ڀيرو ٻڌو آهي، ڪيڏو نه زبردست نالو رکيو آهي! اهي لفظ ٻڌي نالي رکڻ وارو ڪپڙن ۾ ناهي ماپندو، پر اهڙن کي سوچڻ گهرجي ته متان ڪٿي اها خوشي حُبِّ جاهِ (يعني تعريف جي خواهش) جي مرض جو نتيجو ته ناهي؟، تنهنڪري اَنبِياءِ ڪِرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُوَالسَّلَام جي اسماءِ مبارڪ، صحابہِ ڪِرام، تابعين عُظام ۽ اولياءِ ڪِرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جي نالن تي نالا رکڻ گهرجن جنهن جو هڪ فائدو هي ٿيندو ته ٻار جو پنهنجي اَسلاف ڪرام (يعني بُزرگن) سان روحاني تعلق قائم ٿي ويندو ۽ ٻيو انهن نيڪ هستين جو نالو رکڻ جي برڪت سان ٻار جي زندگي تي مدني اثرَ مرتب ٿيندا. نالن جي حَوالي سان وڌيڪ دِلچسپ ۽ حيرت انگيز مَعلُومات حاصِل ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينة جو شايع ٿيل تقريبًا 180صَفحن تي مُشتمِل ڪتاب ”نام رکھنے کے احکام“ جو مُطالَعو



www.dawateislami.net

ڪريو جو ان ڪتاب ۾ ٻارن جا نالا رکڻ جي لاءِ سَوين سُنن نالن جي فهرست موجود آهي، ڳڏوگڏ ان ڪان عِلاوه ٻارن جا نالا رکڻ جي باري ۾ ڪثير مَدَني گُل پنهنجي خُوشبُو مَهڪائي رهيا آهن.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حَسنَين ڪَريمَين جا فضائل احاديث جي روشني ۾:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نبي ڪريم، رئوف رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مُختلف مَوقعن تي انهن حضرات جو اهڙو شان ۽ عَظَمَت بيان فرمائي جنهن کي ٻُڌي ڪري اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان جي دل ۾ حَسنَين ڪَريمَين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا جي مَحَبَّت وڌندي. اچو ته انهن جي شَان ۽ عظمت سان تَعلق رکندڙ ڪجھ فرامينِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻُڌون.

- مَنْ اَحَبَّ الْحَسَنَ وَالْحُسَيْنَ فَقَدْ اَحَبَّنِیْ وَمَنْ اَبْغَضَهُمَا فَقَدْ اَبْغَضَنِیْ،يعني جنهن حسن ۽ حسين انهن ٻنهي سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن انهن سان عَداوت (دشمني) ڪئي ان مون سان عَداوت (دشمني) ڪئي.

(ابن ماجہ،کتاب السنۃ،باب فی فضائل اصحاب رسول اللّٰہ،۹۶/۱، حدیث:۱۴۳)

- هُمَا رَيْحَانَتَايَ مِنَ الدُّنْيَا يعني حَسَن ۽ حُسَيْن (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا) دُنيا ۾ منهنجا ٻه (2) گُل آهن. (صحیح البخاری،کتاب فضائل اصحاب النبی،باب مناقب الحسن والحسین، الحدیث:۳۷۵۳،ج۲،ص۵۴۷)

عاشقِ صحابه ۽ اهلبيت سيدي اعلي حَضرَتِ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪن ٿا:



www.dawateislami.net

اُن دو کا صدقہ جن کو کہا میرے پھول ہیں

کیجے رضاؔ کو حشر میں خنداں مثالِ گل

(حدائقِ بخشش)

* اَلْحَسَنُ وَالْحُسَيْنُ سَيِّدَا شَبَابِ اَهْلِ الْجَنَّةِ يعني حَسَن ۽ حُسَيْن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھُمَا جَنَّتي نوجوانن جا سردار آهن. (ترمذی ،ج۵،ص۴۲۶،ح۳۷۹۳)

## حَسنَين ڪَريمَين سان مَحَبّت واجب آهي:

حَضرَتِ سَيِّدُنَا عَبدُالله بن عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھُمَا فرمائن ٿا ته: جڏهن هي آيتِ مُبارَڪ (سيپارو 25، سُورَةُ الشُّورٰي آيت نمبر 23) نازِل ٿي: ”قُلْ لَّآ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ اَجْرًا اِلَّا الْمَوَدَّةَ فِي الْقُرْبٰى ؕ“ تَرجَمۂ ڪنزالايمان: تون فرماءِ مان ان تي توهان کان ڪو به بدلو نه ٿو گهُران، مگر قَرابَت جي مَحَبّت“

ته صَحابۂ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جن عَرض ڪيو: يارَسُولَ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! توهان جا اهي ڪهڙا قَرابَت دار (يعني رشتيدار) آهن، جنهن سان مَحَبَّت ڪرڻ اسان تي واجب آهي؟ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: عَلِي المُرتَضٰي، فاطِمَةُ الزَّهرا ۽ سندن ٻئي پُٽ (يعني حَضرَتِ سَيِّدُنَا اِمَام حسن ۽ اِمَام حُسَيْن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھُمَا).

(معجم كبير ، باب الحاء، حسن بن عَلِيِ بن أبي طالب ،۳/۴۷،حديث:۲۶۴۱)

بُلا لو ہم غریبوں کو بُلا لو یا رسول اللہ

پئے شبّیر و شبّر فاطمہ حیدر مدینے میں

(وسائلِ بخشش)



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مَعلُوم ٿيو تہ اَهلِبيت جي مَحَبَّت واجب ۽ ضَروري آهي، هر مُسلمان جي ويجهو اَهلِ بيتِ ڪرام، پنهنجي جان ۽ مال، عِزَّت ۽ آبرو، ماءُ پيءُ ۽ اَولاد ڪان بہ وڌيڪ محبوب هئڻ گهرجن. انهن مبارڪ هستين جي مَحَبَّت، سَيدِ عالَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مَحَبَّت آهي ۽ حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مَحَبَّت، ڪامل اِيمان جي نِشاني آهي. جيئن تہ

نبي رَحمت، شَفيعِ اُمَّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: "لَا يُؤْمِنُ عَبْدٌ حَتّٰى اَكُوْنَ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ نَفْسِهٖ" يعني ڪو ٻانهو ڪامل مؤمن نٿو ٿي سگهي، جيستائين جو اهو مونکي پنهنجي جان ڪان وڌيڪ نہ چاهي "وَذَاتِيْ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ ذَاتِهٖ" ۽ منهنجي ذات، ان کي پنهنجي ذات ڪان وڌيڪ محبوب نہ هجي "وَتَكُوْنَ عِتْرَتِيْ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ عِتْرَتِهٖ" ۽ منهنجي اَولاد ان کي پنهنجي اولاد ڪان وڌيڪ پياري نہ هجي"وَاَهْلِيْ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ اَهلِهٖ" ۽ منهنجا اَهلِ بيت ان کي پنهنجي گهروارن ڪان وڌيڪ پيارا ۽ محبوب نہ هجن.

(شعب الايمان، باب فى حب النبى، ۲/۱۸۹،حديث: ۱۵۰۵بتصرف ما)

## اَهلِ بيتِ اَطهار جا فضائل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَهلِ بيتِ اَطهار عَلَيهِمُ الرِّضوَان جي شان ۾ الله عَزَّوَجَلَّ سيپاري 22، سُوْرَةُ الْاَحْزَاب جي آيت نمبر 33 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّمَا يُرِيْدُ اللهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ اَهْلَ الْبَيْتِ وَ يُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيْرًا ﴿۳۳﴾

تَرجَموڪنزالايمان: الله تہ اهو چاهي ٿو تہ نبيءَ جا گهروارؤ جو توهان ڪان هر ناپاڪي دور فرمائي ڇڏي ۽ توهان کي پاڪ ڪري خوب سُٺو ڪري ڇڏي.



www.dawateislami.net

اڪثر مُفَسِّرِين ڪرام جي راءِ آهي ته هي آيتِ مُبارَڪ حَضرَتِ سَيِّدُنَا عَلِي المُرتَضي، حَضرَتِ سَيده فاطِمه زَهرا، حَضرَتِ سَيِّدُنَا اِمَام حَسَن ۽ حَضرَتِ سَيِّدُنَا اِمَام حُسَيۡن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا جي حق ۾ نازِل ٿي. اِمَام احمد رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه حَضرَتِ ابُوسَعيد خُدري رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان رِوايت ڪئي آهي ته هي آيت پنجتن پاڪ جي شان ۾ نازِل ٿي. پنجتن مان مُراد حُضُورنبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ حَضرَتِ عَلِي، حَضرَتِ فاطمه، حَضرَتِ اِمَام حَسَن ۽ حَضرَتِ اِمَام حُسَيۡن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا آهن. (سوانح کربلا، ص۷۹،۸۰،ملتقطا)

هڪ رِوايت ۾ هي به آهي ته حُضُور، جانِ عالَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن حضرات سان گڏوگڏ پنهنجي صاحِبزادين ۽ قَرابت دارن (يعني رشتيدارن) ۽ اَزواجِ مُطَهَّرات کي به شامِل فرمايو. (الصواعق المحرقۃ، الباب الحادی عشر، الفصل الاول، ص۱۴۴)

آيتِ مُبارَڪ جي تَفسِير ڪندي، اِمَام طَبري رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه فرمائن ٿا: يعني اي آلِ محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ! الله تعالٰي چاهي ٿو ته توهان کان بُرين ڳالهين ۽ فُحش شين کي پَري رکي ۽ توهان کي گُناهن جي ميراڻ کان پاڪ ۽ صاف ڪري ڇڏي. (طبری، پ ۲۲،الاحزاب،تحت الآیۃ۳۳ ،ج۱۰ص۲۹۶)

صَدرُالاَفاضِل حَضرَتِ علامه مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه فرمائن ٿا : هي آيتِ ڪريمه اَهلِ بيتِ اَطهَار جي فَضيلتن جو چشمو آهي ۽ معلوم ٿئي ٿو ته سمُورا اَخلاقِ دَنِيَّه ۽ اَحوالِ مَذمُومَه (يعني بُري اَخلاقن ۽ اَحوالن) کان انهن جي تطهير فرمائي وئي (يعني اِنهن کي بُري اَخلاقن کان محفوظ رکيو ويو). ڪجهه حديثن ۾ مَروِي آهي ته اَهلِ بيت، باه تي حَرام آهن (يعني اَهلِ بيت جنّتي آهن) ۽ هي ان تَطهِير جو فائدو ۽ ثمر آهي ۽ جيڪا شيءِ انهن جي اَحوالِ



www.dawateislami.net

شَريف جي لائق نہ هجي ان ڪان انهن جو پَرْوَرْدِگار عَزَّوَجَلَّ انهن کي محفوظ رکندو ۽ بچائيندو آهي. (سوانح کربلا،ص۸۲)

اسان کي بہ اَهلِ بيتِ پاڪ سان مَحبَّت قائم رکندي، انهن جي نقشِ قدم تي هلڻ جي ڪوشِش ڪرڻ گهرجي، الله عَزَّوَجَلَّ انهن جي صَدقي اسان کي بہ گناهن کان بچڻ جي توفيق عطافرمائي ۽ خُوب خُوب نيڪيون ڪري جنّت ۾ ان نيڪ هستين جو قُرب عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

پارۂ ہائے صُحُف غُنچۂ ہائے قُدُس — اَہلِ بیتِ نَبوّت پہ لاکھوں سلام
آبِ تَطہیر سے جس میں پودے جمے — اس رِیاضِ نَجابت پہ لاکھوں سلام
خونِ خَیرُ الرُّسُل سے ہے جن کا خمیر — اُن کی بے لوث طینت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حَسنَين ڪَريمَين جي لاءِ روشني جو انتظام ٿي ويو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نبي ڪريم، رءُوف رَحِيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اَهلِ بيت مان سڀ کان عَزِيز ۽ محبوب حَسنَين ڪَريمَين هئا، حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن ٻنهي شهزادن کي پنهنجي ڪُلهن تي سُوار ڪري وٺندا هُئا. ايستائين جو نماز ۾ سجدي جي حالَت ۾ ٻئي پُشتِ اَطهر (يعني پُٺي مبارڪ) تي سُوار ٿيندا هئا تہ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سَجدو طَويل (ڊگهو) ڪري ڇڏيندا هئا ۽ جڏهن سجدي مان مٿو مبارڪ کڻندا هئا تہ اِنهن کي آرام سان زمين تي ويهاري ڇڏيندا هئا.



www.dawateislami.net

حَضْرَتِ سَيِّدُنَا ابُوهرَيرَه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مَروي آهي تہ هڪ ڏينهن اسان سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ نمازِ عِشاء ادا ڪري رهيا هئاسين، سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن سَجدي ۾ ويا تہ اِمَام حَسَن ۽ اِمَام حُسَيۡن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا، حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پُشت مُبارَڪ (پُٺي مبارڪ) تي سُوار ٿي ويا. سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن سجدي مان مٿو مبارڪ کنيو تہ انهن کي نَرمي سان پڪڙي ڪري زمين تي ويهاري ڇڏيو، پوءِ جڏهن سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻيهر سجدي ۾ ويا تہ اِمَام حَسَن ۽ اِمَام حُسَيۡن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا جن ٻيهر ايئن ئي ڪيو، ايستائين جو حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن نماز مڪمَّل فرمائي ورتي ۽ انهن ٻنهي کي پنهنجي رانن تي ويهاري ڇڏيو. (مسند احمد،مسند ابی هريرة، ۵۹۲/۳،حديث:۱۰۶۶۴ بدون الی امهما،البداية والنهاية ثم دخلت سنة احدوستين،۷۱۶/۵) انهيءَ طرح ننڍپڻ ۾ هڪ ڀيري خُطبي جي دوران ٻئي شهزادا مسجد ۾ تَشريف وٺي آيا، تہ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم خُطبو ڇڏي ڪري انهن جي ويجهو ويا ۽ انهن کي کڻي ڪري پنهنجي سامهون ويهاريو. (ترمذی،ج۵،ص۴۲۹،ح۳۷۹۹)

## آقا جي اِمَام حَسن تي خصوصي شفقت:

حَضْرَتِ سَيِّدُنَا عُرْوَه بن زُبَير رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ پنهنجي والِد کان رِوايت ڪن ٿا: هڪ ڀيري سرڪارِ دوعالم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اِمَام حَسَن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي چُميو، سِنگهيو ۽ ڇاتيءَ سان لڳائي ورتو، ان وقت حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ويجهو هڪ انصاري صَحابي ويٺل هئا، انهن سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اِمَام حَسَن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ تي ايتري قدر شَفَقت ڏسي ڪري عرض ڪيو: يَارَسُوۡلَ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! منهنجو بہ هڪ پُٽ آهي،



www.dawateislami.net

جيڪو ھاڻي بالغ تي چڪو آھي، پر مون ان کي ڪڏھن ناھي چُميو، سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪڏھن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ تنھنجي دل مان رحمت ڪڍي ورتي آھي تہ ان ۾ منھنجو ڪھڙو قُصُور (ڏوھ) آھي.

(المستدرک، من فضائل الحسن بن علی ،ج۴،ص ۱۶۱،حدیث:۴۸۴۶)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ اسان کي بہ پنھنجي ٻارن سان پيار ۽ مَحَبَّت سان پيش اچڻ، ھر معاملي ۾ انھن سان شفقت ڀريو سُلوڪ ڪرڻ ۽ انھن کي پاڻ سان گڏ کارائڻ گھرجي. ڳالھ ڳالھ تي مارڪُٽ ڪرڻ، جِھڻڪڻ، اکيون ڏيکارڻ اِنتھائي نُقصان جو باعِث بڻجي سگھي ٿو، تنھنڪري ٻارن جي دِلجُوئي ۽ انھن جي بھتر تَربِيت ۽ پَروَرِش جي پُوري پُوري ڪوشِش ڪرڻ گھرجي. مڪتبة المدينہ جو ڪتاب ”تربيتِ اولاد“ حاصل ڪريو، توھان کي معلوم ٿيندو تہ اولاد جي تربيت ڪيئن ڪرڻي آھي؟ اھڙي طرح سرڪارِ اعلِيٰ حَضرَتِ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جو رِسالو ”اولاد کے حقوق“ جيڪو مڪتبة المدينہ تان آسان ڪري شائع ڪيو ويو آھي، ان جو مطالعو بہ مُفيد رھندو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ. اچو تہ! ھاڻي ٻُڌون تہ ٻارن کي خوش ڪرڻ جي ڇا فضيلت آھي، جيئن تہ:

حَضرَتِ سَيدَتُنا عائِشہ صِديقہ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا روايت ڪن ٿيون تہ خَاتَمُ الْمُرسَلِين، رَحمَةٌ لِّلعٰلَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”بيشڪ جنَّت ۾ ھڪ گھر آھي جنھن کي ”اَلْفَرَحُ“ چيو ويندو آھي. ان ۾ اھي ئي ماڻھو داخل ٿيندا جيڪي ٻارن کي خُوش ڪندا آھن.“ (جامع صغير ،الحديث۲۳۲۱، ص۱۴۰)

اعلِيٰ حَضرت، اِمَام اَھلسُنّت مولانا شاھ اِمَام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه ھڪ سُوال جي جَواب ۾ پيءُ تي اَولاد جا حقَ بيان ڪندي فرمائن ٿا تہ پيءُ



www.dawateislami.net

”خدا جي ان اَمانتن سان شَفقت ۽ مَحبَّت جو سُلوڪ رکي، انهن سان پِيار ڪري، بَدن سان چنبڙائي، ڪلهن تي ويهاري، انهن سان کِلڻ، کيڏڻ ۽ وندر جون ڳالهيون ڪري، انهن جي دِلجُوئي، دِلداري، لحاظ ۽ حفاظت هر وَقت ايستائين جو نماز ۽ خُطبي ۾ بہ مَلحُوظ (ڌيان) رکي. نئون ميوو، نئون ثمر پهريان انهن (ئي) کي ڏئي جو اهي بہ تازا ميوا آهن، نئين کي نئون مُناسب آهي . ڪڏهن ڪڏهن وَس آهر انهن کي شيريني (مِٺائي) وغيره کارائڻ، پارائڻ، کيڏڻ جون سُنيون شيون (جيڪي) شَرعًا جائز آهن، ڏيندو رهي. وندرائڻ جي لاءِ ڪوڙو واعدو نہ ڪري، بلڪ ٻار سان بہ واعدو اهو ئي جائز آهي جنهن کي پُوري ڪرڻ جو قَصد (اِرادو) رکندو هجي. ڪجھ ٻار هجن تہ جيڪا شيءِ ڏي سيني کي برابر ۽ هڪجهڙي ڏي، هڪڙي کي ٻئي تي بي فضيلتِ ديني (يعني دِيني فضيلت جي بغير) ترجيح نہ ڏي.“

(فتاوىٰ ر ضويہ، ٢٤/٤٥٣)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو تہ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حَسَنَين ڪَريمَين رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا سان مَحَبَّت جو هڪ ٻيو پهلو سَماعَت فرمايون، جيئن تہ

## سرڪار حَسنَين ڪَريمَين کي دَم فرمائيندا هئا:

حَضرَتِ سَيِّدُنَا اِبنِ عَبَّاس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ ٻنهي جهانن جا تاجوَر، سلطانِ بَحروبَر صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حَضرَتِ سَيِّدُنَا اِمام حَسَن ۽ اِمام حُسَيْن رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کي ڪلِماتِ تَعوُّذ سان گڏ دَم فرمائي رهيا هئا. حضور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: توهان جا جَدّ اَمجد يعني حَضرَتِ



www.dawateislami.net

ابرَاهِيم عليہ الصلات والسلام بہ پنھنجي صاحِبزادن حَضرَتِ اسماعيل ۽ حَضرَتِ اسحاق عَلَيهِمُ السَّلَام کي اِنھي ڪلِمات سان گڏ دَم فرمائيندا ھئا: اَعُوْذُ بِكَلِمَاتِ اللّٰهِ التَّامَّةِ مِنْ كُلِّ شَيْطٰنٍ وَّهَامَّةٍ وَّمِنْ كُلِّ عَيْنٍ لَّامَّةٍ يعني آئون اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ڪامل ڪلِمن جي ذريعي ھر شيطان ۽ زھريلي جانور ۽ ھر نَظرِ بَد کان پناھ گُھران ٿو. (بخاری،کتاب احادیث الانبیاء،۲/۴۲۹، حدیث:۳۳۷۱)

مُفَسِّرِ شَهِير،حڪيم الاُمَّت مُفتي احمد يارخان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه ان حديثِ پاڪ جي شَرح ۾ فرمائن ٿا: ”ڪلِمَاتُ اللّٰه (اللّٰه جا ڪَلِمہ) مان مُراد سيئي اسماءِ اِلٰهي (اللّٰه جا نالا) آھن، اھي ھرنَقص (ڪمي) ۽ خرابي کان پاڪ آھن، ان لاءِ انھن کي ”تَامّات“ چيو ويندو آھي، جھڙي طرح اللّٰه (عَزَّوَجَلَّ) جي پناھ گُھُرڻ ضروري آھي، اھڙي طرح ئي ان جي نالن جي پناھ بہ ضروري آھي.“ مزيد فرمائن ٿا: جنّ ۽ نَظرِ بَد سان بہ انسان بيمار ٿي ويندو آھي، جنّ جو اثر قرآنِ ڪريم مان ثابت آھي.

(مراۃ المناجیح،ج۲،ص ۴۰۹ ملتقطاً)

## قرآن پاڪ ۾ بيمارين کان شفا آھي :

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بَيان ڪيل حديثِ پاڪ مان دَم وغيره جي جواز جو ثبوت مِلي ٿو تہ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنھنجي پياري نَواسن (ڏوھٽن) کي دَم فرمائيندا ھئا. قرآنِ مجيد جي آياتِ مُبارَڪ جي ذريعي بيمارن تي پڙھي ڪري دم ڪرڻ جي حوالي سان ڪيئي روايتون مَوجُود آھن: جيئن تہ، اُمُّ الْمُؤمنين حَضرَتِ سَيدَتُنا عائِشہ صِدّيقہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا بيان فرمائن ٿيون: جڏھن رَسُولُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اَھل (يعني گھروارن) مان ڪو بيمار ٿيندو ھو تہ سرڪار صَلَّى



www.dawateislami.net

اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان تي قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ ۙ ۽ قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ ۙ پڙهي ڪري دَم فرمائيندا هئا. (مسلم،ڪتاب السلام،باب رقية المريض بالمعوذات والنفث، ص ١٢٠٥، حديث:٢١٩٢)

اَعْليٰ حَضْرَتِ، اِمَام اَهلسنَّت، مولانا شاه اِمَام احمدرضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: جائز تعويذ جيڪو قرآنِ ڪريم يا اَسماءِ اِلٰهي (يعني الله عَزَّوَجَلَّ جا نالا) يا ٻين اَذڪار ۽ دُعائن مان هجي، ان ۾ اَصلاً (بلڪل ڪو) حَرَج ناهي بلڪ مُسْتَحَب آهي. رَسُوْلُ الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن اهڙي ئي مَقام ۾ فرمايو ته ” مَنِ اسْتَطَاعَ مِنْكُمْ اَنْ يَّنْفَعَ اَخَاهُ فَلْيَنْفَعْهُ يعني توهان مان جيڪو شخص پنهنجي مُسلمان ڀاءُ کي نَفعو پهچائي سگهي (ته ان کي نَفعو) پهچائي.“ (مسلم،ڪتاب السلام،باب استحباب رقية من العين---الخ،ص١٢٠٨،فتاویٰ افريقه ،ص ١٦٨) البته غير شَرعي تعويذات ۽ غير شرعي ڪَلِمات وارو دَم ناجائز آهن جيئن ته اَعلِيٰ حَضْرَتِ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا ”اهي مَقصدَ جنهن جي لاءِ تعويذ يا عمل ڪيو وڃي، جيڪڏهن خِلافِ شَرع هجن، ناجائز ٿي ويندا، جيئن عورتون تَسخِيرِ شوهر (مڙس کي مَغلُوب ڪرڻ) جي لاءِ تعويذ ڪرائينديون آهن، هي حڪمِ شرع جو عڪس آهي (خِلافِ شريعت آهي)، اهڙي طرح تَفريق ۽ عَداوَت (يعني پاڻ ۾ جُدائي وجهڻ ۽ دُشمني پيدا ڪرڻ) جي عَمل ۽ تعويذ جيڪي مَحارِم (رشتيدارن) ۾ ڪيا وڃن، مثلاً ڀاءُ کي ڀاءُ کان جُدا ڪرڻ، هي قَطعِ رَحم (رشتو ٽوڙڻ) آهي ۽ قَطعِ رحم حرام (آهي)، اهڙي طرح زال ۽ مڙس ۾ نِفاق وجهڻ (به حرام آهي). (فتاوی رضويه ،ج٢٤،ص١٩٦)

## مجلس مڪتوبات و تعويذاتِ عطاريہ:

اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ في زمانه شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اِسلامي حَضْرَتِ علامه مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادِري رَضَوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه



www.dawateislami.net

مُسلمانن جي خيرخُواهي جي جذبي جي تحت جتي ٻيا شعبا قائم فرمايا آهن، اُتي مَجلِس مڪتُوبات و تَعوِيذاتِ عطاريہ جو شعبو بہ قائم فرمايو آهي، جنهن جي تحت نہ صرف مڪتوبات جي ذريعي پريشان حالن جي غمخواري ڪئي ويندي آهي، بلڪ اَميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي عطا ڪيل تعويذات ۽ اوراد ۽ وظائف جي ذريعي مُختَلف پريشانين جو حل ۽ فِي سَبِيۡلِ الله بيمارن جو علاج ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، هر مهيني تقريبًا 1,25,000 (هڪ لَک پنجويه هزار) مريضن کي 4 لَک کان وڌيڪ تعويذات ۽ اورادِ عطاريہ ڏنا ويندا آهن، هي تعويذات توهان ”تعويذاتِ عطاريہ“ جي بستي تان فِي سَبِيۡلِ الله با آساني حاصِل ڪري سگهو ٿا.

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تیری دُھوم مچی ہو!

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مرحبا حَسنَين ڪَريمَين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا سان رحمتِ ڪونين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيتري قدر محبت ۽ شفقت ڪندا هئا، مزيد عشقِ حَسنَين ڪَريمَين وڌائڻ واري ڳالهہ سماعت ڪريو ۽ ايمان تازو ڪريو، جيئن تہ عاشقِ صحابہ ۽ اهلبيت اعَلِيٰ حَضرَتِ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه لکن ٿا:

معدوم نہ تھا سایۂ شاہِ ثقلین | اُس نور کی جلوہ گاہ تھی ذاتِ حسنین
تمثیل نے اُس سایہ کے دو حصے کیے | آدھے سے حسن بنے ہیں آدھے سے حسین



www.dawateislami.net

**رُباعي جي وضاحت:** ايئن تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو مبارڪ پاچو سج جي تيز روشني ۽ چنڊ جي روشني ۾ زمين تي نہ پَوندو هو، پر جڏهن سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي فيضان جو پاچو حَسنَين ڪَريمَين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا تي پَيو تہ سيني تائين اِمَام حسن مجتبلي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ، حُضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان مشابہ تي ويا ۽ اِمَام حُسَيۡن رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ، سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان سيني کان پيرن تائين مشابہ تي ويا. قصيدهء نور ۾ سَيِّدي اَعلِيٰ حضرَتِ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه لکن ٿا:

ايک سينہ تک مشابہ اِک وہاں سے پاؤں تک | حُسنِ سبطين ان کے جاموں ميں ہے نيا نور کا
صاف شکلِ پاک ہے دونوں کے ملنے سے عياں | خطِ توام ميں لکھا ہے يہ دو ورقہ نور کا

ياد رکو! سَيّدي اعلِيٰ حَضرَتِ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي شاعري قرآن ۽ حديث جي ترجماني ۽ بزرگن جي اقوال ۽ احوال جي مطابق آهي، اعلِيٰ حَضرَتِ، حَسنَين ڪَريمَين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان مشابهت کي ايئن ئي ناهي لکي ڇڏيو بلڪ

**ترمذي شريف** ۾ آهي: سَيِّدُ الْاَولِيَاء، مَولِيٰ مُشڪل ڪُشاء، شيرِ خُدا حَضرَتِ سَيِّدُنَا عَلِيُّ المرتضيٰ ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْڪَرِيۡم فرمائن ٿا: اِمَام حَسن رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ سِيني ۽ مٿي جي درميان (وچ تائين) محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان تمام گهڻي مشابهت رکندا هئا ۽ اِمَام حُسَيۡن رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ان کان هيٺ واري حصي ۾ رَسُوۡلُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان تمام گهڻي مشابهت رکندا هئا.



www.dawateislami.net

مُفَسِّرِ شَهِير،حڪيم الاُمَّت مُفتي احمد يارخان رَحْمَةُ اللّٰہِ تعَالٰی عَلَیہ ان حديثِ پاڪ جي شَرح ۾ فرمائن ٿا: خيال رهي تہ حَضرَتِ فاطمہ زهرا رَضِیَ اللّٰہُ تعَالٰی عَنْہَا از سر تا قدم (يعني مٿي کان پيرن تائين) بلڪل هَم شَڪلِ مصطفيٰ هيون. ۽ خاتونِ جنت رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جي شهزادن يعني حسنين ڪريمين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا ۾ اها مشابهت تقسيم ڪئي وئي هئي، حَضرَتِ اِمَام حسين جي پِني قدم شريف تائين ۽ پيرن جي کُڙي بلڪل حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مشابہ هئي، حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان قدرتي مشابهت بہ الله تعاليٰ جي نعمت آهي جو پنهنجي ڪنهن عمل کي حضور جي مشابہ ڪري ڇڏي تہ ان جي بخشش ٿي ويندي آهي، تہ جنهن کي خدا تعاليٰ پنهنجي محبوب جي مشابہ ڪري، ان جي محبوبيت جو ڇا عالَم هوندو.

(مرآة جلد8ص480)

.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن صَحابہء ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي پنهنجي اَهلِ بيت ۽ پيارن نَواسن (ڏوهٽن) سان بي انتِها مَحبَّت ڪندي ڏسندا هئا تہ حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان نسبت جي سبب اهي حضرات بہ انهن سان مَحبَّت ۽ شَفقَت سان پيش ايندا هئا ۽ سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وصالِ ظاهري کان پوءِ بہ سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اهلِ بيتِ اطهار ۽ بِالْخُصوص حَسَنَينِ ڪرِيمَين جو بيحد خيال رکندا هئا، جيئن تہ

## صدّيقِ اڪبر جي اِمامِ حسن سان مَحَبَّت:

حَضرَتِ سَيِّدُنَا اَبُوبَڪرصِدّيق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جڏهن اَميرُالْمُؤمِنين، خَلِيفَةُ الْمُسْلِمِين مُنتَخَب ٿيا تہ رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان تَعَلُّق جي



www.dawateislami.net

سبب پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ اهلِ بيتِ اطهار جو تمام گهڻو خيال رکندا هئا ۽ اَهلِ بيتِ اَطهارجي باري ۾ فرمائيندا هئا ته ”نبي ڪريم، رءُوف رَّحيم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا اَقارِب (يعني رشتيدار) مونکي پنهنجي رشتيدارن کان وڌيڪ عَزِيز آهن.“ (بخاری، کتاب المغازی، باب حدیث بنی نضیر، الحدیث: ۴۰۳۶، ج۳، ص۲۹)

باغِ جنّت کے ہیں بہرِ مدح خوانِ اہلبیت
تم کو مژدہ نار کا اے دُشمنانِ اہلبیت
(ذوقِ نعت)

## فارُوقِ اعظم جي اِمام حُسَين سان والِهانه مَحَبَّت:

حَضرَتِ سَيِّدُنَا اِمَام حُسَين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا: آئون هڪ ڏينهن اَمِيرُالْمومنين حَضرَتِ سَيِّدُنَا عمر فارُوقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي گهر ويس، پر پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ، حَضرَتِ اَمِيرِ مُعاوِيه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ سان گڏ عَلِيحدگي ۾ گفتگو فرمائي رهيا هئا ۽ سندن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جا پُٽ حَضرَتِ عبدُ الله رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ دروازي تي بيهي اِنتظار ڪري رهيا هئا. ڪجھ دير انتظار کان پوءِ اهي واپس موٽڻ لڳا ته ان سان گڏ آئون به واپس موٽي آيس. بعد ۾ اَمِيرُالْمومنين حَضرَتِ سَيِّدُنَا عمر فارُوقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ سان منهنجي مُلاقات ٿي ته مون عرض ڪيو: ”يا اَمِيرُالْمومنين! آئون توهان وٽ آيو هئس، پر توهان حَضرَتِ اَمِيرِ مُعاوِيه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ سان گفتگو ۾ مَصروف هئا. توهان جو پُٽ عبدُ الله رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ به ٻاهر بيهي انتظار ڪري رهيو هو (مون سوچيو ته جڏهن پُٽ کي اندر اچڻ جي اجازت ناهي ته مونکي ڪيئن اجازت ٿي سگهي ٿي) تنهنڪري آئون به انهن سان ئي گڏجي واپس هليو ويس.“ ته فارُوقِ اَعْظَم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن فرمايو: اي منهنجا پُٽ حُسَيْن! منهنجي اَولاد کان وڌيڪ، توهان ان ڳالھ جا حقدار آهيو



www.dawateislami.net

تہ توهان اَندر اچي وجو ها ۽ اسان جي مٿي تي هي جيڪي وارَ آهن، اللہ عَزَّوَجَلَّ ڪان پوءِ ڪنهن ظاهر ڪيا آهن، توهان ساداتِ ڪرام ئي تہ ظاهر ڪيا آهن.“ (تاريخِ ابن عساکر،ج ۱۴،ص۱۷۵)

## شَيرِ خدا جي اِمَام حَسَن سان مَحَبّت:

حَضرَتِ سَيِّدُنَا اَصۡبَغۡ بن نُباتہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري حَضرَتِ سَيِّدُنَا اِمَام حسن مُجتبيٰ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ بيمار ٿي پيا تہ حَضرَتِ سَيِّدُنَا عَلِي الۡمُرتَضيٰ كَرَّمَ اللہُ تَعَالٰي وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم ان جي عِيادَت جي لاءِ تشريف وٺي ويا، اسان بہ انهن سان عِيادَت جي لاءِ حاضِر ٿياسين. حَضرَتِ سَيِّدُنَا عَلِي الۡمُرتَضٰي كَرَّمَ اللہُ تَعَالٰي وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم خَيرِيت پڇندي فرمايو: اي نواسہء رسول! هاڻي طَبِيعَت ڪيئن آهي؟ عَرض ڪيو: اَلۡحَمۡدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ بهتر آهيان، پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمايو: جيڪڏهن **اللہ** عَزَّوَجَلَّ چاهيو تہ بهتر ئي رهندو، پوءِ حَضرَتِ سَيِّدُنَا اِمَام حسن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جن عرض ڪيو: مون کي سهارو ڏئي ڪري ويهاريو، حَضرَتِ سَيِّدُنَا عَلِي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جن انهن کي پنهنجي سيني سان ٽيڪ لڳائي ڪري ويهاري ڇڏيو، پوءِ حَضرَتِ سَيِّدُنَا اِمَام حسن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جن فرمايو: هڪ ڏينهن مون کي نانا جان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو هو: اي منهنجا پُٽ! جنّت ۾ هڪ وڻ آهي جنهن کي **شَجَرَۃُ الۡبَلۡوٰي** چيو ويندو آهي، آزمائش ۾ مبتلا ماڻهن کي قيامت جي ڏينهن ان وڻ جي ويجهو جمع ڪيو ويندو، جڏهن تہ ان وقت نہ ميزان رکيو ويو هوندو نہ ئي اعمال نامہ کوليا ويا هوندا، انهن کي پورو پورو اجر عطا ڪيو ويندو. پوءِ سرڪارِ دوعالم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اها آيتِ مبارَڪ تِلاوَت فرمائي،



www.dawateislami.net

اِنَّمَا یُوَفَّى الصّٰبِرُوْنَ اَجْرَهُمْ بِغَیْرِ حِسَابٍ ﴿۱۰﴾ (تَرجَموڪنزالايمان: صبر وارن کي سندن ثواب پرپور ڏنو ويندو بغير حساب جي.) (پ۲۳،الزمر،آيت ۱۰) (ڪتاب الدعاء للطبراني،ص۳۴۷)

منا منا اسلامي ڀائرو! ان واقِعي مان جتي حَضرَتِ سَيِّدُنَا عَلِي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي پنهنجي شهزادي اِمَام حَسَن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ سان مَحَبَّت جوعِلم ٿيو، اُتي اِمَام حَسَن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي بيان ڪيل فرمانِ مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان هي بہ معلُوم ٿيو تہ پريشانين، مُصيبتن ۽آزمائشن تي صَبر ڪرڻ وارن کي قِيامَت جي ڏينهن ان جي صَبر جو پُورو پُورو اَجر ڏنو ويندو. يادرکو! الله عَزَّوَجَلَّ جي هر ڪم ۾ هزارين حِڪمَتون پَوشِيده هونديون آهن، جنهن جو اسان کي عِلم ناهي هوندو. تنهنڪري هر هڪ جي سَامهون پنهنجي پريشاني، غريبي ۽ مُفلِسي جو روئڻ، پنهنجا ڏُک تڪليفون ٻُڌائڻ ۽ تَنگدَستي جي سَبَب مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ رَبّ تعاليٰ جي ذات تي فضول اِعتِراض ڪري پنهنجي زَبان مان ڪفرِيات بَڪڻ جي بَجاءِ، اِنهن آزمائشن ۽ تَڪليفن کي منهن ڏيندي صَبر ۽ تَحمُّل کان ڪم وٺڻ گهرجي، ڇو جو هي مُصِيبتون ۽ بَلائون گُناهن جو ڪَفّارو ۽ دَرَجات ۾ بَلندي جو سبب ٿينديون آهن . الله عَزَّوَجَلَّ جي مَحبُوب، داناءِ غُيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جڏهن قِيامت جي ڏينهن اَهلِ بَلا (يعني بيمارين ۽ آفت ۾ مبتلا رهڻ وارن) کي ثواب عَطا ڪيو ويندو، تہ عافِيت وارا تمنّا ڪندا تہ ڪاش! دُنيا ۾اسان جون گلون قَينچين سان ڪٽيون وڃن ها. (سُنَنُ التِّرْمِذِي ج٤ ص١٨٠حديث ٢٤١٠ دارا لفکر بيروت)

مُفَسِّرِ شَهِير،حڪيم الاُمَّت مُفتي احمد يارخان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه هن حديثِ پاڪ جي الفاظ ”ڪاش! دُنيا ۾ اسان جون گلون قينچين سان ڪٽيون وڃن ها“ جي تحت فرمائن ٿا: ”يعني تمنّا ۽ آرزُو ڪندا تہ اسان تي دُنيا ۾ اهڙيون بيماريون



www.dawateislami.net

اڄن ها، تہ جيئن اسان کي بہ اهو ثواب اڄ ملي ها جيڪو ٻين بيمارين ۽ آفت ۾ مبتلا رهڻ وارن کي ملي رهيو آهي.“ (مرآۃ ،ج۲ص۴۲۴)

## نافرمانن جي خُوشحالي ۾ حڪمت:

اڪثر ڪري مُسلمان پنهنجون پريشانيون ۽ ڪافِرن جي عيش ۽ عشرت سان ڀرپُور زِندگي کي ڏسي ڪري بہ وَسوَسن جو شڪار ٿي ويندا آهن ۽ انهن جي ذِهن ۾ طَرح طَرح جا سُوالَ پيدا ٿيندا آهن، جڏهن تہ ان ۾ بہ **اللّٰه** رَبُّ الْعٰلَمِين جَلَّ جَلَالُهٗ جي تمام وڏي حِڪمَت پوشِيده آهي. جيئن تہ،

حَضرَتِ سَيِّدُنَا اِبْنِ عَبَّاس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا جن فرمايو تہ هڪ نبي عَلَيهِ السَّلَام پنهنجي پَروَردگار عَزَّوَجَلَّ جي دربار ۾ عرض ڪيو: اي منهنجا رَبّ عَزَّوَجَلَّ! مؤمن ٻانهو تنهنجي اِطاعت ڪندو آهي ۽ تنهنجي مَعصِيّت (نافرماني) کان بچندو آهي (پر) تُون (ربّ عَزَّوَجَلَّ) ان جي لاءِ دُنيا تنگ فرمائي ان کي آزمائش ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو آهين ۽ ڪافر تنهنجي اِطاعت ناهي ڪندو بلڪ توتي ۽ تنهنجي مَعَصِيّت (نافرماني) تي جُراءت ڪندو آهي، پر تُون (ربّ عَزَّوَجَلَّ) ان کي مُصيبت کان پَري رکندو آهين ۽ ان جي لاءِ دُنيا ڪشاده ڪري ڇڏيندو آهين، (آخر ان ۾ ڇا حڪمت آهي؟) **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ان (نبي جي) طرف وَحي فرمائي: ٻانها بہ منهنجا آهن ۽ مُصيبَت بہ منهنجي اختيار ۾ آهي ۽ سڀ منهنجي حمد سان گڏ منهنجي تسبيح ڪندا آهن، مُؤمِن جي ذِمي گُناهہ ٿيندا آهن تہ آئون ان کان دُنيا کي پَري ڪري ان کي آزمائش ۾ مبتلا ڪندو آهيان تہ هي (آزمائش ۽ مُصيبت) ان جي گُناهن جو ڪَفّارو بڻجي ويندي آهي، ايستائين جو اهو مون سان مُلاقات ڪندو تہ آئون ان کي نيڪيون بدلي ۾ ڏيندس ۽ ڪافر جون (دنياوي اعتبار سان) ڪجهہ نيڪيون هونديون



www.dawateislami.net

آهن، تہ آئون ان جي لاءِ رِزق ڪشادو ڪندو آهيان ۽ مُصيبت کي اُن کان پَري رکندو آهيان تہ ايئن ان جي نيڪين جو بدلو دُنيا ۾ ئي ڏئي ڇڏيندو آهيان، ايستائين جو جڏهن اهو مون سان مُلاقات ڪندو تہ آءُ ان جي گُناهن جي ان کي سَزا ڏيندس.[1]

بهر حال اسان کي مُسلمان هئڻ جي حيثيت سان الله عَزَّوَجَلَّ جي هر ڪم کي حڪمت تي مُشتَمِل سمجهڻ گهرجي ۽ مُصِيبت تي صَبَر جو مُظاهَرو ڪندي اَجر ۽ ثواب جو خُوب خُوب ذخيرو ڪرڻ گهرجي. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي بي صَبري ۽ ناشُڪرِي کان بچائي ۽ صبر ۽ شُڪر جو عادي بڻائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حَسَنَينِ ڪرِيمَين جي پاڻ ۾ مَحَبّت:

حَضرَتِ سَيِّدُنَا ابُوهرَيره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مَروي آهي تہ رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو آهي تہ ڪنهن مسلمان جي لاءِ هي ڳالھ جائز ناهي تہ اهو پنهنجي ڀاءُ سان تي (3) ڏينهن رات کان وڌيڪ قطع تَعلُّق ڪري. انهن ۾ جيڪو ڳالھ ٻولھ ڪرڻ ۾ اڳرائي ڪندو، اهو جنت جي طرف وڃڻ ۾ بہ سبقت ڪندو. حَضرَتِ ابُو هُرَيره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ مون تائين اها ڳالھ پهتي آهي تہ حَضراتِ حَسَنَينِ ڪرِيمَين جي دَرمِيان ڪا معمولي اٽبٽ ٿي وئي آهي. آئون اِمَام حُسَين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي خِدمَت ۾ حاضِر ٿيس ۽ عَرَض

1... احياء العلوم،كتاب الصبر والشكر،الركن الثالث...الخ، ۱۶۲/۴



www.dawateislami.net

ڪيو: ماڻهو توهان جي اِقتِداء ڪندا آهن ۽ توهان حَضرات هڪ ٻئي کان ناراض آهيو ۽ توهان پاڻ ۾ قَطع تَعلُّقي ڪري وينا آهيو. توهان هاڻي اِمَام حَسَن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ وٽ وڃو ۽ انهن کي راضي ڪريو ڇو جو توهان ان کان ننڍا آهيو، اِمَام حُسين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ جن فرمايو: جيڪڏهن مون نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي هي فرمائيندي نه ٻُڌو هجي ها ته **جڏهن ٻن ماڻهن جي درميان قَطع تَعَلُّقي ٿي وڃي، ته انهن ۾ جيڪو ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ۾ اڳرائي ڪندو اهو جنّت ۾ پهريان ويندو،** آئون مُلاقات ڪرڻ ۾ ضَرُور اڳرائي ڪريان ها، پر آئون ان ڳالهه کي پسند نه ٿو ڪريان ته آئون انهن کان پهريان جنّت ۾ هليو وڃان.

حَضرَتِ اَبُوهرَيره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: ان کان بعد ۾ **حَضرَتِ سَيِّدُنَا اِمَام حسن** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيس ۽ انهن کي سڄو واقعو ٻُڌايو: اِمَام حسن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ جن فرمايو ته اِمَام حسين جيڪا ڳالهه چئي آهي اها درست آهي. پوءِ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ اِمَام حُسين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ وٽ تَشريف وٺي ويا، انهن سان مُلاقات ڪئي ۽ اهڙي طرح ٻنهي ڀائرن جو پاڻ ۾ صُلح ٿي ويو.

(ذخائر العقبی،ص۲۳۸)

## رِشتي ٽوڙڻ واري جي موجودگي ۾ رَحمت ناهي لهندي:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته ڪنهن مسلمان جي لاءِ جائز ناهي ته هو پنهنجي مسلمان ڀاءُ کان ٽي ڏينهن رات کان وڌيڪ قَطع تَعلُّق ڪري (يعني رشتو ٽوڙي). پر افسوس! اڄڪلهه ٿوري ٿوري ڳالهه تي ماڻهو ناراض ٿي ويندا آهن ۽ هڪ ٻئي جي شڪل ڏسڻ به پسند نه ڪندا آهن، معمولي رنجش تي خاندان جُدا ٿي ويندا آهن، اڪثر ڪري خوني رِشتا به قتل ۽



www.dawateislami.net

غارت ڳري تي لهي ايندا آهن. هي مدني ماحول کان ڏُوري ۽ علمِ دِين جي ڪمي جي سبب ٿيندو آهي، تنهنڪري اسان کي گهرجي ته مدني قافلن ۾ سفرڪري، هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۽ مدني مذاڪري ۾ شرڪت ڪري علمِ دين حاصل ڪريون ته جيئن جهالت جي سبب جيڪي گناهه ٿيندا آهن، اُن کان بچي سگهون.

## قطع رِحمي ڪرڻ (رشتو ٽوڙڻ) وارو مغفِرت کان مَحروم:

فرمانِ مُصطَفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: سومر ۽ خميس تي الله تَعاليٰ جي بارگاهه ۾ ماڻهن جا اعمال پيش ٿيندا آهن، ته الله عَزَّوَجَلَّ پاڻ ۾ عَداوت (دشمني) رکڻ وارن ۽ قطع رِحمي ڪرڻ وارن کان عِلاوه سيني جي مَغْفِرَت فرمائي ڇڏيندو آهي. (اَلْمُعْجَمُ الْكبِير لِلطّبَراني ج۱،ص۱۶۷،حديث:۴۰۹)

حضرَتِ سَيِّدُنَا اَعمش رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه کان مَنقُول آهي، حضرَتِ سَيِّدُنَا عبدُالله ابنِ مَسْعُود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ هڪ ڀيري صُبح جي وَقت مَجلس ۾ تشريف فرما هئا، اُنهن فرمايو: آئون قاطِع رِحم (يعني رشتي ٽوڙڻ واري) کي الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم ڏيان ٿو ته اهو هتان کان اُٿي وڃي ته جيئن اسان الله عَزَّوَجَلَّ کان مغفرت جي دُعا ڪريون، ڇو جو قاطِع رِحم(يعني رِشتي ٽوڙڻ واري) تي آسمان جا دروازا بند رهندا آهن. (يعني جيڪڏهن اهو هتي مَوجُود رهندو ته رحمت نازل نه ٿيندي ۽ اسان جي دُعا قبول نه ٿيندي). (اَلْمُعْجَمُ الْكبِير ج ۹ ص۱۵۸ رقم۸۷۹۳)

## ناراض رشتيدارن سان صُلح ڪري وٺو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪي توري ٿوري ڳالهين تي پنهنجي ڀينرن، ڏيئرن، پُڦين، ماسِين، مامين، چاچين، ڀائيٽن، ڀاٽيجن وغيره کان قَطعِ



www.dawateislami.net

رحمي ڪري ڇڏيندا آهن، ان ماڻهن جي لاءِ بيان ڪيل حديثِ پاڪ ۾ عبرت ئي عبرت آهي. منهنجي مَدَني اِلتجا آهي تہ جيڪڏهن اسان مان ڪنهن جي ڪنهن رشتيدار سان ناراضگي آهي تہ پلي جيڪڏهن رشتيدار ئي جو قُصُور هجي، صُلح جي لاءِ پاڻ اڳرائي ڪريو ۽ پاڻ اڳتي وڌي ڪري خوش مزاجي سان ان سان ملي تَعلّقات بهتر ڪري ونو. جيڪڏهن معافي گهُرڻ ۾ اڳرائي بہ ڪرڻي پوي تہ رِضاءِ الٰهي جي لاءِ معافي گهُرڻ ۾ اڳرائي ڪرڻ گهرجي، اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ سَر بُلندي نصيب ٿيندي. فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: مَنْ تَوَاضَعَ لِلّٰهِ رَفَعَهُ اللّٰه يعني ”جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ عاجزي ڪندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ ان کي بُلندي عطا فرمائيندو آهي." (شُعَبُ الْاِيمان ج ٦ ص ٢٧٦ حديث ٨١٤٠) ۽ هميشہ پنهنجي رشتيدارن سان تَعلق بهتر رکو، انهن سان حُسنِ سُلوڪ جو مُظاهَرو ڪندا رهو، ڇو جو ان ۾ فائدو ئي فائدو آهي.

حَضرَتِ سَيِّدُنَا فقيہ ابُواللَّيث سَمَرقَندي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: صِلَہ رِحمي ڪرڻ جا 10 فائدا آهن:۞ الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا حاصِل ٿيندي آهي۞ ماڻهن جي خُوشي جو سبب آهي۞ فِرِشتن کي مسَرّت (خوشي) ٿيندي آهي ۞ مُسلمانن جي طرف کان ان شخص جي تعريف ٿيندي آهي ۞شيطان کي ان کان رَنج پهچندو آهي ۞عُمر وڌندي آهي ۞ رِزق ۾ برڪت ٿيندي آهي ۞فوت ٿي ويل آباء و اَجداد (يعني مسلمان ابا ڏاڏا) خُوش ٿيندا آهن ۞ پاڻ ۾ مَحَبَّت وڌندي آهي۞ وفات کان بعد ان جي ثواب ۾ اِضافو ٿي ويندو آهي، ڇو جو ماڻهو ان جي حق ۾ دُعاءِ خَير ڪندا آهن. (تنبيهُ الغافِلين ص٧٣)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پنهنجي گهرن ۽ مُعاشَري (مُ.عَا.شَ.ري) کي اَمن جو گِهوارو بڻائڻ جي لاءِ **دعوتِ اِسلامي** جي مُشڪبار مَدَني ماحول سان وابَستہ



www.dawateislami.net

تي وڃو ۽ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڏينهن جي لاءِ مَدَني قافِلي ۾ سُنّتن ڀريو سفر ڪريو، گڏوگڏ مَدَني اِنعامات جي مُطابِق زِندگي گُذاريو. گڏوگڏ صِلهء رحمي جون فضيلتون ۽ برڪتون ڄاڻڻ جي لاءِ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اِسلامي حَضرَتِ علامہ مولانا ابُوبلال محمد الياس عطّار قادري رَضَوي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڪتاب ”نيڪي جي دعوت صفحي نمبر 156 کان 161“ ۽ رسالن ”هتو هٿ ڀُڇي سان صلح ڪري ڇڏي ۽ اِحترامِ مسلم“ جو مُطالَعو فرمايو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان انهن ڪتابن ۽ رسالن کي رِيڊ (يعني پڙهي) به سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) به ڪري سگهجي ٿو ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) به ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان جو خُلاصو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اَڄ جي بيان ۾ اسان حَضراتِ حَسَنَينِ ڪرِيمَين جو شان ۽ عَظَمت ۽ انهن جي سِيرت جي مُتَعَلّق ٻُڌڻ جي سَعادَت حاصل ڪئي. اسان جا آقا مديني وارا مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن ٻنهي شهزادن سان بي پناهه مَحبَّت فرمائيندا هئا، ڪڏهن پنهنجي مُبارَڪ ڪلهن تي ويهاريندا هئا ته ڪڏهن مبارڪ پُٺيءَ تي، ڪڏهن انهن جي لاءِ سجدو طويل (ڊگهو) فرمائيندا هئا ته ڪڏهن انهن کي سيني سان لڳائيندا هئا، پيشاني کي چُمندا هئا ۽ انهن کي گُلن جيان سِنگهندا هئا. يادرکو! ان ۾ اسان جي لاءِ به هي دَرس مَوجُود آهي ته اسان به حَسَنَينِ ڪرِيمَين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا سان خُوب خُوب مَحبَّت ڪريون ۽انهن جي نَقشِ قَدَم تي هلندي



www.dawateislami.net

پنهنجي زِندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪريون. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ دُنيا ۽ آخرت ۾ سُرخروئي ۽ ڪاميابي قدم چُمندي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ٻارنهن مدني ڪمن ۾ حصو وٺو!

منا منا اسلامي ڀائرو! نيڪيون ڪرڻ، گُناهن کان بچڻ ۽ نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ جي لاءِ ذيلي حلقي جي ٻارنهن 12 مدني ڪمن ۾ اڳتي وڌي حِصّو وٺو. ذيلي حلقي جي ٻارنهن مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم پنهنجي عملن جو مُحاسبو ڪندي **مَدَني انعامات** تي عمل ڪرڻ به آهي. اسان جا بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام به نه صرف پاڻ فڪرِ آخرت ۾ پنهنجي عملن جو مُحاسبو ڪندا هئا بلڪ ماڻهن کي به ان جو ذِهن ڏيندا هئا، جيئن ته اَمِيرُ الْمُؤمِنين حَضرَتِ سَيِّدُنَا عُمر فارُوق رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا :"اي انسانو! پنهنجي عملن جو حساب ڪري وٺو، ان کان پهريان جو قيامت اچي وڃي ۽ توهان کان انهن جو حساب ورتو وڃي. (حلية الاولياء، ج١، ص٥٦) شيخ طريقت، اميرِ اهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هن پُرفتن دَؤر ۾ فڪرِ آخرت جو ذِهن بنائڻ، نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جي طريقن تي مُشتمل **مَدَني اِنعامات** بَصُورتِ سُوالات عطا فرمايا آهن. اِسلامي ڀائرن جي لاءِ 72، اِسلامي ڀينرن جي لاءِ 63، اسڪولن، ڪاليجن ۽ جامِعات جي طَلباء جي لاءِ 92، طالبات جي لاءِ 83، ۽ مدرسةُ المدينہ جي مدني مُنّن جي لاءِ 40 مَدَني اِنعامات آهن، اهڙي طرح خُصُوصي يعني گونگن ٻوڙن ۽ نابينا اِسلامي ڀائرن ۽ قيدين



www.dawateislami.net

جي لاءِ بہ **مَدَني اِنعامات** مُرتَّب فرمايا آهن. مَدَني اِنعامات جو رسالو مَكتبة المَدِينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان هديةً حاصل ڪري سگهجي ٿو، ان جو بغَور مُطالَعو ڪرڻ ڪان پوءِ توهان ان نتيجي تي پهچندا تہ هي دَرَاَصل خُود اِحتِسابي جو هڪ جامع نِظام آهي جنهن کي اپنائڻ کان پوءِ نيڪ بنجڻ جي راهہ ۾ اچڻ واريون رُڪاوٽون الله عَزَّوَجَلَّ جي فَضل ۽ ڪرم سان آهستي آهستي پري ٿي وينديون آهن ۽ ان جي بَرَکت سان پابندِ سُنّت بنجڻ، گُناهن کان نَفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حِفاظت جي لاءِ ڪُڙهڻ جو ذِهن بنجندو. اچو تہ مدني انعامات جي رسالي جي هڪ مدني بهار مُلاحظ ڪريون. جيئن تہ،

## مَدَني انعامات جي رسالي جي بَرَکت

**نيو ڪراچي** جي هڪ اِسلامي ڀاءُ جو ڪجهہ هن طرح بيان آهي: علائقي جي مسجد جا اِمَام صاحب جيڪي **دعوتِ اِسلامي** سان وابستہ آهن، انهن انفرادي ڪوشش ڪندي منهنجي وڏي ڀاءُ کي **مَدَني انعامات** جو هڪ رسالو تحفي ۾ ڏنو، اهو گهر کڻي آيا ۽ پڙهيو تہ حيران ٿي ويا تہ ان مختصر رسالي ۾ هڪ مسلمان کي اِسلامي زندگي گذارڻ جا ايترا زبردست فارمولا ڏنا ويا آهن. **مَدَني انعامات** جو رسالو ملڻ جي برکت سان اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ان کي نماز جو جذبو مليو ۽ نمازِ باجماعت جي ادائيگي جي لاءِ مسجد ۾ حاضر ٿي ويا ۽ هاڻي پنج وقت جا نمازي بڻجي چڪا آهن، ڏاڙهي مبارڪ بہ سجائي ورتي آهي ۽ **مدني انعامات** جو رسالو بہ پريندا آهن.

مدنی اِنعامات کے عامل پہ ہر دم ہر گھڑی
یا اِلٰہی! خوب برسا رحمتوں کی تُو جھڑی



www.dawateislami.net

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (ابن عساکر ج 9 ص 343)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اچوته شيخِ طريقت اَميرِ اهلسُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي "163 مَدَني گُل" مان مُندي پائڻ جا ڪجھ اهم مَدَني گُل ٻُڌون ٿا.

## منڊي پائڻ جا مدني گل

۞ مرد کي سون جي منڊي پائڻ حرام آهي . ۞ (نابالغ) ڇوڪَر کي سَون جا زيور پارائڻ حرام آهي ۽ جنهن پارايا اهو گنهگار ٿيندو. ۞ لوهه جي منڊي جهنّمين جو زيور آهي (ترمذي ج 3 ص 305 حديث 1792) ۞ مرد جي لاءِ اها ئي مُندي جائز آهي جيڪا هڪ نگيني واري هجي ۽ جيڪڏهن ان ۾ (هڪ کان وڌيڪ) گهڻا نگينا هجن ته پوءِ ڀلي چاندي جي ئي هجي مَرد جي لاءِ ناجائز آهي (ردالمحتار ج 9 ص 597) ۞ بغير نگيني واري منڊي پائڻ ناجائز آهي جو هي منڊي ناهي، ڇلو آهي ۞ حُروفِ مُقَطّعَات واري منڊي پائڻ جائز آهي پر حُروفِ مُقَطّعات واري منڊي بغير وضو پائڻ ۽ هٿ لڳائڻ يا مصافحو



www.dawateislami.net

ڪندي مهل هٿ ملائڻ واري جو منڊي ڪي بي وضو هٿ لڳائڻ جائز ناهي ۞ اهڙي طرح مردن جي لاءِ هڪ ڪان وڏيڪ (جائز) مُنڊي پائڻ يا (هڪ ڪان وڏيڪ) ڇلّا پائڻ بہ ناجائز آهي. ۞ چاندي جي هڪ منڊي هڪ نگ واري جيڪا وزن ۾ ساڍا چار ماشہ (يعني 4 گرام 374 ملي گرام) کان گهٽ هجي پائڻ جائز آهي، ها تڪبُّر يا زنانو سينگار (ليڊيز اسٽائل جو فيشن) يا ٻي ڪنهن غرضِ مَذمُوم (يعني قابل مَذمت مقصد) نيّت ۾ هجي تہ رڳو منڊي (ئي) ڇا بلڪ انهيءَ نيّت سان (تہ) سنا ڪپڙا پائڻ بہ جائز ناهن . (فتاويٰ رضويہ ج 22 ص 141) ۞ عيدن تي منڊي پائڻ مُستحَب آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 779، 780) ۞ لوهہ جي منڊي تي چاندي جو خول چاڙهيو جو لوهہ بلڪل ڏسڻ ۾ نہ اچي تہ ان منڊي جو پائڻ (مرد ۽ عورت ڪنهن ڪي بہ) منع نہ آهي (فتاوي عالمگيري ج 5 ص 335) ۞ منّت (يعني باس) جو دم ڪيل ڌاتو (Metal) جو ڪڙو بہ مرد ڪي پائڻ ناجائز ۽ گناهہ آهي ايئن ئي مدينہ منوّره زادَهَا اللهُ شَرَفاً وَتَعظِيماً يا اجمير شريف يا ڪنهن درگاهہ جا چاندي جا ڇلا يا ڪنهن ٻئي ڌات جا ڇلا ۽ اسٽيل جي منڊي بہ جائز ناهي ۞ جيڪڏهن ڪنهن اسلامي ڀاءُ ڌاتو جو ڪڙو يا ڇلو، ناجائز منڊي يا ڌاتو جي زنجير (Chain-Bracelet) پاتي آهي تہ هاڻي جو هاڻي لاهي توبهہ ڪري ڇڏيو ۽ آئنده نہ پائڻ جو عهد ڪيو.

هزارين سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبۃ المدينہ جا شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بہار شریعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنّتیں اورآداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنّتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سفر آهي.



www.dawateislami.net

لوٹنے رحمتیں قافِلے میں چلو سیکھنے سنتیں قافِلے میں چلو

ہے نبی کی نظر قافِلے والوں پر پاؤ گے راحتیں قافِلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. (1)

### (2) سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

[1] ...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ السادسة والخمسون، ص151ملخصًا



www.dawateislami.net

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناھ معاف ڪيا ويندا.[1]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[2]

## (4) ڇهلک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيۡ عِلۡمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلۡكِ اللّٰهِ

حضرتِ اَحمد صاوِي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡهَادِى ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[3]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرۡضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابهَ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُم

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[2] ...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

[3] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149



www.dawateislami.net

ڪي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[1]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حَضرَتِ سَيِّدُنَا ابنِ عباس رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[3]

### (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنهن هن دُعا ڪي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4415)

---

[1] ...القول البديع، الباب الاول، ص125

[2] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[3] ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net